SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر XI مجريه 1985
# SINDH ACT NO.XI OF 1985
# سنڌ اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جون (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) (ترميم) ايڪٽ، 1985
# THE SINDH SPEAKER'S AND DEPUTY SPEAKER'S (SALARIES, ALLOWANCES AND PRIVILEGES) (AMENDMENT) ACT, 1985

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement
2. 1975 جي سنڌ ايڪٽ VII جي دفعہ 3_A جي شموليت
Insertion of section 3_A of Sindh Act VII of 1975
3. 1975 جي سنڌ ايڪٽ VII جي دفعہ 5 جي ترميم
Amendment of section 5 of Sindh Act VII of 1975
4. 1975 جي سنڌ ايڪٽ VII جي دفعہ 6 جي ترميم
Amendment of section 6 of Sindh Act VII of 1975
5. 1975 جي سنڌ ايڪٽ VII جي دفعہ 8 جي ترميم
Amendment of section 8 of Sindh Act VII of 1975
6. 1975 جي سنڌ ايڪٽ VII جي دفعہ 10 جي ترميم
Amendment of section 10 of Sindh Act VII of 1975

# سنڌ ايڪٽ نمبر XI مجريہ 1985
# SINDH ACT NO.XI OF 1985
## سنڌ اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جون (پگھارون، الائونسز ۽ مراعتون) (ترميم) ايڪٽ، 1985
## THE SINDH SPEAKER'S AND DEPUTY SPEAKER'S (SALARIES, ALLOWANCES AND PRIVILEGES) (AMENDMENT) ACT, 1985

[8 جنوري 1986]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جون (پگھارون، الائونسز ۽ مراعتون) ايڪٽ، 1975 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جون (پگھارون، الائونسز ۽ مراعتون) ايڪٽ، 1975 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪي هن ريت جوڙيي نافذ ڪيو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات Short title and commencement

1.(1) هن ايڪٽ کي سنڌ اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جون (پگھارون، الائونسز ۽ مراعتون) (ترميم) ايڪٽ، 1985 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو ۽ 10 مارچ 1985 کانپوءِ اسپيڪر طرفان پهريون پيرو آفيس سنڀالڻ واري تاريخ کان لاڳو سمجھيو ويندو.

1975 جي سنڌ ايڪٽ

2. سنڌ اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جون (پگھارون،

الائونسز ۽ مراعتون) ايڪٽ، 1975 ۾، جنهن کي هن ڪانپوءِ بہ چاٽايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 3 ڪانپوءِ هيٺين نئين دفعہ شامل ڪئي ويندي:

VII جي دفعہ 3_A جي شموليت
Insertion of section 3_A of Sindh Act VII of 1975

"(ساز و سامان جو الائونس) 3_A. اسپيڪر يا ڊپٽي اسپيڪر، پنهنجي اهڙي پهريون پيرو چونڊ تي، اڪئپمينٽ الائونس ٽي هزار رپيا ۽ ٻہ هزار رپيا ترتيبوار حاصل ڪندا.

بشرطيڪ اڪئپمينٽ الائونس حاصل نہ ڪري سگهبو جيڪڏهن ساڳئي مقصد لاءِ اسيمبلي جي مدي دوران، جنهن ۾ اهو اسپيڪر يا ڊپٽي اسپيڪر طور چونڊيو ويو آهي، اڳوات وڏي وزير، وزير، اسپيڪر يا ڊپٽي اسپيڪر طور مقرري يا چونڊ تي ساڳيو الائونس حاصل ڪري چڪو هجي.

1975 جي سنڌ ايڪٽ VII جي دفعہ 5 جي ترميم
Amendment of section 5 of Sindh Act VII of 1975

3. چاٽايل ايڪٽ جي دفعہ 5 ۾، لفظن "ٽيهزار رپيا ۽ ٻہ هزار رپيا." لاءِ لفظ "پنج هزار رپيا ۽ چار هزار رپيا" متبادل ٿيندا.

1975 جي سنڌ ايڪٽ VII جي دفعہ 6 جي ترميم
Amendment of section 6 of Sindh Act VII of 1975

4. چاٽايل ايڪٽ جي دفعہ 6 ۾:

(a) ذيلي دفعہ (1) ۾:

(i) لفظن "پندرنهن هزار رپيا" لاءِ لفظ "پنجاهہ هزار رپيا" متبادل ٿيندا؛

(ii) "لفظن "ڏهہ هزار رپيا" لاءِ لفظ "پنجويهہ هزار رپيا" متبادل ٿيندا؛

(b) ذيلي دفعہ (2) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

"(2) جتي اسپيڪر يا ڊپٽي اسپيڪر کي سرڪاري رهائش ناهي مهيا ڪئي وئي يا اهو نجي رهائش اختيار ڪرڻ کي ترجيح ڏئي ٿو ته، ان کي ترتيبوار اٺ هزار رپيا يا ست هزار رپيا پنهنجي گهر جي صورت ۾ ڏنو ويندو يا پريو ويندڙ حقيقي ڀاڙو، ترتيبوار وڌ ۾ وڌ اٺ هزار رپيا يا ست هزار رپيا ماهوار ڀاڙي تي ورتل گهر جي صورت ۾ ڏنو ويندو، ۽ اسپيڪر کي واڌو طور ويهه هزار رپين جي رقم گهر جي سنوار سينگار لاءِ فقط هڪ ڀيرو ڏهين مارچ 1985 کانپوءِ اسيمبلي جي مدي دوران پهريون ڀيرو وزير يا اسپيڪر طور چونڊجڻ تي يا نئين اسيمبلي جي چونڊ تي ڏنو ويندو.

(2-A) سرڪاري رهائش ۾ مهيا ڪيل سامان جو معيار چيف سيڪريٽري، ماليات سيڪريٽري ۽ سيڪريٽري ڪميونيڪيشنز اينڊ ورڪس ڊپارٽمينٽ تي مشتمل ڪميٽي جي فيصلي تحت هوندو.

1975 جي سنڌ ايڪٽ VII جي دفعه 8 جي ترميم
Amendment of section 8 of Sindh Act VII of 1975

5. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعه 8 ۾، لفظن "پنج سئو رپيا ۽ ٽي سئو رپيا" لاءِ لفظ "ٽي هزار رپيا ۽ هڪ هزار ۽ پنج سئو رپيا" متبادل ٿيندا.

1975 جي سنڌ ايڪٽ VII جي دفعه 10 جي ترميم
Amendment of

6. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعه 10 جي ذيلي دفعه (1) ۾، لفظن "هڪ سئو رپيا ۽ پنجهتر رپيا" لاءِ لفظ "هڪ سئو ۽ پنجويهه رپيا" متبادل ٿيندا.

| | |
|---|---|
| نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي. | section 10 of Sindh Act VII of 1975 |